REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) آچر 04 فيبروري 2024ع بمطابق 23 رجب المرجب 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 250

عمران خان ۽ بشري بي بي جو نڪاح غير شرعي قرار، ٻنهي کي 7، 7 سال قيد جي سزا

عدت کيس ڌليل ڪرڻ لاءِ ناهيو ويو ۽ ان ۾ مونکي ڌليل ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي وئي، اڄ به چوان ٿو نه ڏيل ڪئي نه ڪندس مري ويندس پر ڪڏهن به ڏيل نه ڪندس: عمران خان

توشا خانا کيس ۾ جيڪا سزا ڏني وئي اڄ تائين ڪنهن کي ناهي ڏني وئي مون متان ۽ سڀ کيس ناهيا ويا اڄ تائين ڪنهن جي خلاف ايترا کيس ناهن ناهيا ويا، اڄ به چوان نه ڏيل ڪئي ۽ نه ڪندس

نواز شريف کي سپريم ڪورٽ نااهل ڪيو، جي آءِ ٽي نهي پر سپ کيس ختم ڪيا ويا، شهباز شريف خلاف ايف آءِ اي جو مضبوط کيس هو ختم ڪيو ويو

ملڪ تي چار سئو ڀرون حملا ٿيا جنهن تي ڪنهن نه هڙڪ به نه ٻاڪي، هاڻي ٻاهران غلام آيو آهي اهو نوڪري ڪندو انهن جي: ٻڌٽي ۽ جي موقعي تي صحافين سان ڳالهيون

منهنجي رب قرآن پاڪ ۾ عدت بابت پهريان ئي ٻڌائي ڇڏيو آهي اڃوڪو فيصلو ابليس جو فيصلو آهي، هي غير ۽ بي غيرتيءَ جي جنگ آهي، فيصلو عوام کي ڪرڻو آهي: بشريٰ بي بي

راولپنڈي (م ڊ) اسلام آباد جي مقامي عدالت عدت ۾ نڪاح واري کيس ۾ پي ٽي آءِ باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي کي، ست ست سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي. ايوالا جيل ۾ جمعي واري ڏينهن جي ڏڳهي ٻڌٽي ڪانپوءِ سينيئر سول جج قدرت الله کيس جو محفوظ فيصلو پڙهي ٻڌايو عدالت، عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جو نڪاح غير شرعي قرار ڏيندي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01


اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاکڙ سان گڏيل عرب امارتن جو وفد ملاقات ڪندي

نگران وڏي وزير 11 هين ڪلاس جي شاگردن جي پاسنگ پرسنٽيج گهٽجڻ جو نوٽيس وٺي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر بورڊ آف انٽرميڊيٽ ايجوڪيشن ڀهرين سال 2023ع جي امتحانن ۾ بي ضابطگين جو نوٽيس ونڊندي فيڪٽ فائنڊنگ انڪوائري ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي وڏي وزير 11 هين ڪلاس جي نتيجن ۾ شاگردن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پي ٽي آءِ قيادت جي چوڻ تي رياست تي حملو ٿيو، ادارن خلاف منفي مهم هلائي وئي: رپورٽ

پنجاب حڪومت جي لا اينڊ آرڊر بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي نوَ مئي سانحي جي رپورٽ جي منظوري ڏني ڇڏي

9 مئي وارو منصوبو اڳوڻن ئي تيار ڪيو، قيادت جي ايجنڈا رڳو رياستي ادارن تي حملو ڪيو، حملو ٿي پي جي طرز تي ڪيو ويو

9 مئي سانحي ۾ مرڪزي قيادت سان گڏوگڏ مقامي قيادت شامل هئي، پارٽي قيادت فون ۽ سوشل ميڊيا ذريعي ماٺهن کي ورغلايو

لاهور (م ڊ) پنجاب جي گهرو ڪابينا نوَ مئي سانحي جي تفصيلي رپورٽ حڪومت کي جمع ڪرائي ڇڏي. پنجاب حڪومت جي لا اينڊ آرڊر بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي نوَ مئي سانحي جي رپورٽ جي منظوري ڏني ڇڏي جنهن کانپوءِ رپورٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04



پاڪستان جو وڏو نقصان ڪنڊ رچرنڊ بيماري سڀائين لاءِ ختم ٿي وئي: مريم نواز

پاڪستان ۾ وائرل بيماري اچي وئي هئي جيڪا پنج، ست سال رهي ۽ عوام جو ڏاڍو نقصان ڪري وئي

ڪنهن پنجاهه لک گهرن جو واعدو ڪيو ۽ هڪ گهر به نه ڏنو، نواز شريف پنجاهه لک گهرن جو واعدو ڪيو ته ضرور ڏيندو

گوجرانوالا (م ڊ) مسلم ليگ نون جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي ته پاڪستان جو ٽمام گهٽو نقصان ڪنڊ رچرنڊ بيماري سڀائين لاءِ ختم ٿي وئي آهي. گوجرانوالا ۾ چوندڙ جلسي کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته پاڪستان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

احتساب عدالت جي جج محمد بشير بيهر رٽائرمينٽ تائين موڪل جي درخواست ڏني ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) احتساب عدالت جي جج محمد بشير بيهر طبي بنيادن تي موڪل جي درخواست/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

قانون حرڪت ۾ آيو ته پاڻ کي مظلوم پيا چون: مولانا فضل الرحمان

عمران خان پاڪستان دشمن ملڪن کان لکين ڊالر وصول ڪيا آهن

جي يو آءِ هڪ تحريڪ جو نالو آهي ۽ سڀائين غريبن جي نمائندگي ڪئي آهي

لکي مروت (م ڊ) جمعيت علماء اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان اڳوڻي وزيراعظم عمران خان تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته هاڻي هنن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

"9 مئي جي تياري لال حويلي ۾ ٿي" واٽق قيوم ۽ صداقت عباسي سلطاني شاهد بڻجي ويا

صداقت عباسي، واٽق قيوم ۽ عمر تنوير عدالت ۾ 154 واروبيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيو، اجمل صابر به سلطاني شاهدن ۾ شامل

شيخ رشيد چهه مئي تي لال حويلي ۾ اجلاس طلب ڪيو جتي نوَ مئي وارن واقعن جي رٽابندي ڪئي وئي هئي: اجمل صابر

9 مئي وارن واقعن جي رٽابندي ۾ شيخ رشيد، راجا بشارت، راشد شفيق، اعجاز خان، راشد حنيف ۽ عمران خان جي مرضي شامل هئي

راولپنڈي (م ڊ) پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد خلاف نوَ مئي سانحي جي ڪيس ۾ پنجاب اسيمبلي جو اڳوڻو اسپيڪر ۽ اڳوڻي ايم اين اي شاهد بڻجي ويا. فريدن موجب، پنجاب اسيمبلي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

7 سال ۾ 12 لک مريض جو علاج ۽ 30 هزار ڪن وڏيڪ زندگيون بچايون ويون آهن: نگران وڏو وزير

اين آءِ سي وي ڊي جي شاندار ڪارڪردگي ۽ محنت جي ڪري چيسٽ پين يونٽن جو تعداد وڌائڻ وقت جي ضرورت آهي

اسان جو عزم آهي ته اسان عوام کي صحت جي بنيادي سهولتن جي فراهمي کي هر قيمت تي يقيني بڻائينداسين

اسان نه رڳو صحت جي انفراسٽرڪچر کي وڌائي رهيا آهيون پر شهرين جي زندگين کي بچائڻ لاءِ هڪ صحتمند سماج ڏانهن به وڌي رهيا آهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي ته صوبي ۾ چيسٽ پين يونٽ قائم ڪرڻ جي صحت جي سهولتن جي فوري فراهمي سبب 7 سالن ۾ 12 لک ڪن وڏيڪ مريضن جو علاج ۽ 30 هزار ڪن وڏيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15



احتساب عدالت ڊاڪٽر عاصر کي پرڏيهه وڃڻ جي اجازت ڏني ڇڏي

ڊاڪٽر عاصر کي پرڏيهه وڃڻ جي اجازت ۽ ريفرنس واپس نيب ڏانهن اماڻڻ بابت درخواستن تي ٻڌڻي

علاج جي لاءِ پرڏيهه وڃڻو آهي، ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي: ڊاڪٽر عاصر حسين جي وڪيل جو موقف

ڪراچي (رپورٽر) احتساب عدالت ڊاڪٽر عاصر ۽ بين جي خلاف 17 ارب روپين جي ڪرپشن ڪيس ۾ ڊاڪٽر عاصر کي پرڏيهه وڃڻ جي اجازت ڏني وئي آهي. ڪراچي جي احتساب عدالت جي آڏر 17 ارب روپين جي ڪرپشن ريفرنس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

عليما خان پيش نه ٿي ايف آءِ اي دهشتگردي ٽوڙ ونگ هڪ پيو نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني باني عمران خان جي پيڙ عليما ايف آءِ اي جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

آمريڪا جا عراق ۽ شام ۾ 85 هنڌن تي حملا، ڪيترائي شهري شهيد

حملا آمريڪي اهلڪارن کي مارڻ جي جواب ۾ ڪيا ويا: جو بائيڊن

اسان جو ردعمل اسان جي چونڊيل وقت ۽ هنڌ تي جاري رهندو

بغداد/دمشق (م ڊ) آمريڪي فوج عراق ۽ شام ۾ 85 هنڌن تي هوائي حملا ڪيا آهن. آمريڪي حملي سبب عراق ۾ هڪ جڏهن ته شام ۾ ڪيترائي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پ پ اڳواڻ سعيد غني ڪراچي ۾ چوندڙ دوران چڪتاڻ جو خدشو ظاهر ڪري ڇڏيو

ڪراچي جو ماضي ڏاڍو خوفناڪ آهي، خدشو آهي ته 8 فيبروري تي حالتون وڌيڪ خراب نه ٿيندیون: سعيد غني

ناظم آباد ۾ اسان جا 3 ڪارڪن زخمي ٿيا ۽ گاڏين کي ساڙيو ويو، اسان جي عدالتي جاچ جي مطالبي جو نوٽيس نه ورتو ويو

ڪراچي مان صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جون وڏيون سيٽون ڪٽي سگهون ٿا، ڊپ آهي ته 8 فيبروري تي فساد نه وڌي وڃن

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ويزن جي صدر سعيد غني جو چوڻ آهي ته ڪراچي جو ماضي ڏاڍو خوفناڪ آهي، خدشو آهي ته 8 فيبروري تي حالتون وڌيڪ خراب ٿي سگهن ٿيون. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سعيد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24



اسلام آباد: جسٽس جمال مندوخيل تقريب کي خطاب ڪندي

لاهور: موٽروي پوليس 10 لک روپين جي گم ٿيل قيمتي منڊي عورت کي موٽائي ڏني

لاهور (ويب ڊيسڪ) موٽروي پوليس 10 روپين جي گم ٿيل قيمتي منڊي آمريڪي عورت کي موٽائي ڏني. موٽروي پوليس جي ترجمان ٻڌايو ته آمريڪي عورت جي منڊي لاهور ڪان ويرا غازي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

40 سيڪڙو پاڪستان پنهنجي پسنديدھ پارٽي جي اميدوار کان بي خبر نڪتا

ڪراچي (رپورٽر) 8 فيبروري تي عام چونڊون تي رهيون آهن ۽ 40 سيڪڙو پاڪستان پنهنجي پسنديدھ پارٽي جي اميدوار کان بي خبر نڪتا. خبر آهن. عوامي راءِ جائڻ جي حوالي سان مشهور ادارو گيلپ پاڪستان اليڪشن مهر جي حوالي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

پاڪپتن: پسند جي شادي ڪندڙ ناري عدالت ۾ قتل

ناريءَ پسند جي شادي ڪان پوءِ بيان رڪارڊ ڪرائڻ آئي هئي

ناريءَ جا اڃا ٻي شادي هئي، لاش ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو

پاڪپتن (م ڊ) پاڪپتن ۾ پسند جي شادي ڪندڙ ناري کي عدالتي جي اڳ ۾ فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو. پوليس موجب ناريءَ پسند جي شادي ڪان پوءِ بيان رڪارڊ ڪرائڻ آئي هئي جنهن کي عدالت جي اڳ ۾ قتل ڪيو ويو جڏهن ته/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڇوڪري سزا عمران خان جي ساک متاثر ڪرڻ جي ڪوشش آهي، چئلينج ڪنداسين: بئرسٽر گوهر

جيڪا اميد هئي اهوئي ٿيو، غير اخلاقي قسم جا الزام مڙهيا ويا هڪ گندي ڪيس ۾ ست سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي

جج کي چيو ته اوهان جي لاءِ قربانيون ڏنيون هيون، اوهان مايوس ڪيو آهي هي اهو ڪيس آهي جنهن جو نه مٿو آهي نه پير

هي ڪيس عون چوڌري جي خواهش تي ٺاهيو ويو، مولوي جي فتويٰ آهي ته جڏهن عورت چوي ته ٻيندي آهي

راولپنڈي (م ڊ) عمران خان جي وڪيل ۽ پي ٽي آءِ اڳوان بئرسٽر گوهر چيو آهي ته اڃوڪو فيصلو عمران خان جي ساک متاثر ڪرڻ جي ڪوشش آهي جنهن کي هوءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪندا ڪنڈوگڏ بشريٰ بي بي کي بني گالا اڊيالا جيل منتقل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

شينهن جي ساتارين کي رونجهر ڏانهن هٿ وڌايو ته سندن هٿ ڪپي چڏيندا سين: بلاول ڀٽو زرداري

حڪومت ملي تي غريب عوام لاءِ ٽيهه لک گهر ناهي ڏينداس، اوهان جي آمدني ٻيٽي ڪري ڏيکاريندس، پ پ معاشي فائدي، روزگار لاءِ ٽرڪول رٿا شروع ڪئي هئي

هڪ همراهه پاڻ کي چوٽون پيرو وزيراعظم ٽيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، اهو همراهه غلط بياني ڪري رهيو آهي ته ٽرڪول جو منصوبو هن ڏنو، ٽرڪول جو منصوبو پ پ جو هو

جيڪڏهن ٽرڪول منصوبي تي وڌيڪ ڪم ڪنداسين ته ٽرپارڪ کان ڪراچي تائين ٽرين هلائينداسين، شينهن وارا ڪارونجهر ڏانهن ڏسي رهيا آهن، هو حڪومت ناهي گرينائٽ ڪپائيندا

بينظير پٽواج به موجود آهي، انهن ڪارونجهر ڏانهن هٿ وڌايو ته سندن هٿ ڪپي چڏيندا سين، نواز شريف جي ڪوشش آهي ته سندن لاءِ رستو صاف ڪيو وڃي

نواز شريف جي ڪوشش آهي ته سندن ڪٽ پتلي حڪومت ڪراچي ۾ ويهي عوام جي حق تي ڊاڙو هڻي، ميان صاحب جا سهولتڪار سنڌ ۾ اليڪشن وڙهي رهيا آهن

چاچرو/ملير (نمائندو وٽان) پ پ چيئرمين بلاول پٽو زرداري چيو آهي ته شينهن ساتارين سنڌ جي معدني جابلو علاقي ڪارونجهر ڏانهن هٿ وڌايو ته هٿ ڪپي چڏيندا سين. چيئرمين چيو ته باقي سياستدان ٻين ڏانهن چاچري ۾ چوندڙ جلسي کي خطاب ڪندي پ پ چيئرمين چيو ته هڪ ڪپي چڏيندا سين، شينهن وارا ڪارونجهر ڏانهن ڏسي رهيا آهن، هو حڪومت ناهي گرينائٽ ڪپائيندا

جيستائين پاڪستان مضبوط نه ٿيندو تيستائين سڪون سان نه ويهنداسين: نواز شريف

منهنجي حڪومت دور ۾ موٽرسائيڪل، ٽريڪٽر، گئس، مائي، پيٽرول، اٽو، ڪنڊ ۽ ٻيون شيون سستيون هيون

عوام تي ظلم ڪيو ويو آهي، اسان تيستائين سڪون سان نه ويهنداسين جيستائين پاڪستان مضبوط نه ٿو ٿئي

غربت ۽ بيروزگاري ختم ڪنداسين، اسڪول اسپتال ۽ موٽري ٺاهيندا سين، جيڪي واعدا ڪيا آهن پورا ڪنداسين


گوجرانوالا: نواز ليگ قائد نواز شريف چوندڙ جلسي کي خطاب ڪندي

گوجرانوالا (م ڊ) مسلم ليگ نون جي قائد نواز شريف چيو آهي ته ڪجهه ماٺهو سوشل ميڊيا تي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سکر ۾ پ پ جون ڪارڪن عورتون برسات ۾ به آصف پٽو زرداري جون انتظار ڪنديون رهيون

سکر (رپورٽر) پ پ اڳواڻ چيئرمين بلاول پٽو زرداري جي پيڙ بي بي آصفه پٽو زرداري سکر ۾ پ پ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

وفاقي ڪابينا پاران 13 لک غيرقانوني افغان پناهگيرن جي قيام ۾ واڌ جي منظوري

سيفران واري وزارت جي سمري تي پروف آف ريزيڊنس ڪارڊ ۾ واڌ جي منظوري ڏني وئي

ڪابينا ٻوزين ان ڪان اڳ سيفران واري وزارت جي سمري اعتراض سان گڏ واپس ڪري چڏي هئي

افغانستان سان لاڳاپيل ڪوآرڊينيشن سيل جي سفارش تي غيرقانوني پناهگيرن جي قيام ۾ واڌ جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي ڪابينا 13 لک غيرقانوني افغان پناهگيرن جي قيام ۾ واڌ جي منظوري ڏني وئي. سيفران واري وزارت جي سمري تي پروف آف ريزيڊنس ڪارڊ ۾ واڌ جي منظوري ڏني ڇڏي آهي. ڏينهن ٻڌايو ته هٽ ڪپي چڏيندا سين. افغان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم بڻجي مهانگائي کي ختم ڪندو: آصفه ڀٽو زرداري

پ پ چيئرمين سڄي ملڪ ۾ عوام سان رابطن ۾ آهي، ان جو منشور عوام کي روزگار ڏيڻ آهي

عوام جي دلين ۾ شهيد بينظير ڀٽو آهي، عوام بلاول کي پنهنجي ووٽ سان ضرور ڪامياب ڪندو

شهيد بينظير جون خون آهيون، عوام جي خدمت ڪنداسين، غريبن کي گهر ٺهرائي ڏينداسين: ريلي کي خطاب


سکر: پ پ اڳواڻ آصفه ڀٽو زرداري جوندڙ ريلي کي خطاب ڪري رهي آهي

سکر (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي نندي پيڻ بي بي آصفه ڀٽو زرداري پ پ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پي ٽي آءِ اميدوارن جو ضمانت ۽ واڌ لاءِ ٻيهر عدالت سان رابطو ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علاقي ٽين تلوار ۽ ڏاڻن ۽ پوليس اهلڪارن تي تشدد جي الزام ۾ پي ٽي آءِ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٻئي ڏينهن به برسات، ڏڙ ۾ واڌ ٿي وئي

حيدرآباد، سکر، جيڪب آباد، دادو، خيرپور، ڪنڊڪوٽ، ڪشمور، قاضي احمد ۾ برسات

پدعيدن، فيض گنج، پان سيدآباد، بادهه ۽ ٻين شهرن ۾ وسڪارو بعد سيءُ جي شدت ۾ اضافو ٿي ويو

ڪڏڻو، ٺارو شاهه، پرياسني، درٻيلو ۽ ٻين شهرن ۾ برسات بعد روڊن رستن تي پاڻي بيهجي ويو

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٻئي ڏينهن به برسات جو سلسلو جاري آهي، مينهن پوڻ ڪري ڏڙ ۾ واڌ ٿي وئي. حيدرآباد، سکر، جيڪب آباد، دادو، خيرپور، ڪنڊڪوٽ، ڪشمور، قاضي احمد، پدعيدن، فيض گنج، پان سيدآباد، بادهه ۽ ٻين شهرن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پرامن چوندن جي خاطر آهي، انتظام مڪمل ڪري ورتا آهن: مرتضيٰ سولنگي

پاڪستان دهشتگردن خلاف ڪارروائيون ڪري رهيو آهي، فورسز چوندن لاءِ مڪمل طور تيار آهن

سيڪيورٽي کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، پهرين حصي ۾ پوليس، ٻئي ۾ رينجرز ۽ ايف سي اهلڪار فرض انجام ڏيندا

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) سنڌ سماءُ واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته چوندن بابت انتظام مڪمل ڪري ورتا. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مرتضيٰ سولنگي چيو ته پاڪستان دهشتگردن خلاف ڪارروائيون ڪري رهيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35



اسلام آباد: نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي، سکر سميت مختلف ضلعن جي 30 ماحولياتي نمونن ۾ پوليو وائرس جي تصديق

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ مختلف ضلعن جي 30 ماحولياتي نمونن ۾ پوليو وائرس جي تصديق. سنڌ، پنجاب، خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان جي ماحولياتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

سياسي جماعتن کان چوندڙ نشان واپس ورڻ وارو اليڪشن ڪميشن جو فيصلو درست قرار

اليڪشن ڪميشن ايڪٽ 2017ع جي سيڪشن 215 آئين سان ٽڪراءَ نه آهي: لاهور هاءِ ڪورٽ

آئين جي آرٽيڪل 14، 9، 17 سميت ٻين آرٽيڪلز جي روشني ۾ اهو سيڪشن آئين سان ٽڪراءَ ناهي

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ سياسي پارٽين کان چوندڙ نشان واپس ورڻ وارو اليڪشن ڪميشن جو فيصلو درست قرار ڏيڻ جي خلاف درخواستن تي جسٽس شاهد بلال حسن سياسي جماعتن کان چوندڙ نشان واپس ورڻ واري اختيار خلاف درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

جماعت اسلامي ڪراچي مان وڏي تعداد ۾ سيٽون کٽيندي: حافظ نعيم

ايم ڪيو ايم ۽ پيپلز پارٽي 35 سالن کان حڪومت ۾ آهن، ٻنهي جي عوام ۾ ڪا به جاءِ ناهي

ڪراچي ۾ 4 ميٽرو ٽرينون ۽ 4 هزار بسون هلائينداسين، اسان مفت ۽ باوقار ٽرانسپورٽ چاهيون ٿا

ٽرن اوور گهٽائڻ جي سازش ٿي رهي آهي، عوام خوف جو بت ٽوڙي چڏي، کي اليڪٽرڪ جي اجاراداري ختم ٿيڻ گهرجي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته جماعت اسلامي ڪراچي مان وڏي تعداد ۾ سيٽون کٽيندي ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته ايم ڪيو ايم ۽ پيپلز پارٽي 35/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪرياني جي دڪان کي ٽيڪس نيٽ ۾ آڻڻ لاءِ ايپ جي منظوري

واپاري دوست ايپ ماهوار ٽيڪس ادا ڪرڻ جو پاڻمرادو حساب لڳائيندي

ايپ جي ذريعي دڪان کي سالياني مسواڙ جو 10 سيڪڙو تائين ٽيڪس لڳندو

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ جي ڪروڙين ڪرياني جي دڪانن ٽيڪس نيٽ ۾ آڻڻ لاءِ واپاري دوست موبائيل ايپ جي منظوري ڏني وئي آهي. ڪرياني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ملڪ ۾ سيمنٽ جو وڪرو 15 سيڪڙو گهٽجي ويو

جنوري ۾ سيمنٽ جو وڪرو 34 لک 14 هزار ٽن رهيو

جولاءِ کان جنوري تائين سيمنٽ جو وڪرو 5.92 سيڪڙو وڌيو

ڪراچي (م ڊ) جنوري ۾ سيمنٽ جي وڪري ۾ 15 سيڪڙو گهٽتائي ٿي آهي. آل پاڪستان سيمنٽ مينوفيڪچررز ايسوسيئيشن مرجب جنوري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

واٽر ڪارپوريشن جي عملدارن پاران پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا انتظام مڪمل

عام چوندن جي سلسلي ۾ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا انتظام مڪمل ڪري ورتا

شهر ۾ فائر سمورين پولنگ اسٽيشنن جي آسپاس سيريج جي مختلف شڪايتن جو خاتمو ڪيو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد جي خاص هدايتن تي واٽر ڪارپوريشن جي عملدارن 8 فيبروري 2024ع تي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19


اسلام آباد: وفاقي صلاحڪار مشعل ملڪ تقريب کي خطاب ڪندي

سنڌ ۾ ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ طرفان هيوي بائيڪ ريلي

هيوي بائيڪ ريلي جي شروعات قائد اعظم محمد علي جناح جي مزار کان ٿي

ريلي ڊينيور فورٽ لٽي، بدين، ٺٽو ڪوٽ ملهي کان ٿيندي ننگر پارڪر ۽ رامپور ديرو تائين جاري رهندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ پاران هيوي بائيڪ ريلي ڪڍي وئي. هيوي بائيڪ ريلي جي شروعات قائد اعظم محمد علي جناح جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

نگران وڏي وزير جي هاءِ ڪورٽ بار آمد، ڪارونجهر جي ڪٽائي تي رڪيل جو احتجاج

ڪارونجهر رڳو پٽرن جو ڏيرن نه پر سنڌ جو تهذيبي ماڳ آهي: وڪيل

ڪراچي (رپورٽر) نگران وڏي وزير مقبول باقر جي سنڌ هاءِ ڪورٽ بار آمد جي موقعي تي وڪيلن جو ڪارونجهر رڳو پٽرن جو ڏيرن نه پر سنڌ جو تهذيبي ماڳ آهي: وڪيل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

نيو ڪراچي ۾ هن گروپن ۾ جهيڙو، هڪ ڇٽو مارجي ويو

سيڪٽر 11 جي ۾ هن گروپن ۾ جهيڙو ٿي پيو، جنهن دوران ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي تي تشدد ۽ فائرنگ ڪئي.

واقعي کانپوءِ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال تي ضابطو آندو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علاقي سيڪٽر ايڪس آءِ جي ۾ هن گروپن ۾ جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڇٽو مارجي ويو پ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29


لاهور: وزيراعظم جو معاون خاص حافظ طاهر اشرفي کي ايوارڊ ڏنو پيو وڃي

سکر: تنظيم اسلامي پاران جماعت اسلامي جي نامزد اميدوارن جي حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو

اسان کي مرڪز طرفان هدايتون ملیون آهن ته جماعت اسلامي جي اميدوارن جي پرپور حمايت ڪئي وڃي:عرفان طارق هاشمي

اسان کي مرڪز طرفان هدايتون مليون آهن ته جماعت اسلامي جي اميدوارن جي پرپور حمايت ڪئي وڃي

جماعت اسلامي جي مرڪزي اليڪشن آفيس ۾ اچڻ جو مقصد اهو آهي ته جماعت اسلامي اميدوارن سان گڏجي ڪري عوام جي جائز حقن لاءِ جدوجهد ڪندا

سکر (بيورو رپورٽ) تنظيم اسلامي پاڪستان جماعت اسلامي جي نامزد اميدوارن جي پرپور حمايت ۽ عوام جي حقن لاءِ گڏيل جدوجهد جاري

رکڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو.اهڙو اعلان هن جماعت اسلامي سکر جي اليڪشن آفيس ٻهتو ۽ جماعت اسلامي جي نامزد اميدوارن سان ملاقات

ڪئي ان موقعي تي مولانا حزب الله حڪرو، زبير حنيظ شيخ ۽ ٻين گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

مانجهند ۾ ٽائون ملازم پگهارن کان محروم، 40 لکن جي مبينا ڪرپشن عملو ڦاڪاڪشي جو شڪار

مانجهند ٽائون ڪميٽي جي ملازمن جو ٽن مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو

ماهوار پگهارن جي مد ۾ 40 لک روپيا اڃن تائين ۾ انتظاميا ڪرڻن بلن ذريعي پگهارن جي رقم ڪيرائي ڇڏي آهي:ملازم

چيئرمين ٽائون آفيسر ۽ ٻين ڪامورن ملي پڳڙ ڪري ڇڏي آهي، احتجاج جي خوف کان آفيس کي تالا هڻائي ڇڏيا آهن

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) مانجهند ٽائون ملازم پگهارن کان محروم 40 لک ۾ مبينا ڪرپشن عملو ڦاڪاڪشي جو شڪار تيز برسات ۾ ڊرٽو انتظاميا خلاف تعريباڙي تفصيل موجب مانجهند ٽائون ڪميٽي جي ملازمن جو ٽن مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف شاهي بازار مان تيز برسات ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب مانجهند آڏو ڊرٽو هنيو ويو ڊرٽي ۾ ايس يو پي جسقم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24



مانجهند: ٽائون ملازم پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز ۾ محمد عثمان عالماڻي وٽ پ پ جا اميدوار پهتا

پ پ جي فرياد ٽالپر جي حڪر تي سيئي اميدوار پهتا آهن، جن ڪان ٿاروشاه شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ مطالبو ڪيو آهي:محمد عثمان عالماڻي

8 فيبروري تي پيپلز پارٽي سنڌ مان وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ٽيندي ۽ بلاول ڀٽو ملڪ جو اينڊ وزير اعظر ٽيندو

عثمان خان عالماڻي وٽ اليڪشن ۾ مدد ونڊ لاءِ پهتا آهيون ۽ حمايت سان پوروپ پ جا اميدوار فتح حاصل ڪندا:اميدوار

نوشهروفيروز (ڊ ر) پ پ اڳواڻ سردار محمد عثمان خان عالماڻي وٽ ضلع نوشهروفيروز جي پنجن ٽي ٽکن جا پ پ اميدوار ذوالفقار ٻهڙ ابرار علي شاه سرفراز علي شاه حسن علي شاه ممتاز علي چانديو ۽ پ پ ضلع صدر فيروز احمد جمالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26



نوشهرو فيروز: پ پ اميدوارن جو گروپ فوٽو

بدين ۾ ڪل 693 پولنگ استيشنون قائم ڪيون ويون آهن، : ايس ايس پي بدين

هر پولنگ تي پنج پوليس وارا مقرر هندا ۽ 159 پولنگون نازمل آهن، اسان انهن کي به حساس پولنگن جيان امن امان قائم ڪرڻ لاءِ انتظام ڪيا آهن

پوليس سان گڏ پاڪ آرمي ۽ رينجرز جا جوان به گڏ هوندا، پولنگ اسٽيشنن تي پوليس ۽ رينجرس ۽ فوجي جوانن جي ڊيوٽي لڳائي ويئي آهي

ايس ايس پي آفيس ۾ ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو آهي، ڪنٽرول روم جوانچارج سنڊس پي آر او عزيز مينڌرو هوندو:پريس ڪانفرنس

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) 8 فيبروري تي ٽيندڙ عام چونڊن هر ممڪن پرامن طريقي سان ڪرايون ويندڙ ان ڊينهن تي پوري ضلع ۾ ۽ خاص ڪري پولنگ استيشنن تي امن امان قائم



بدين: ايس ايس پي بدين صحافين سان گڏهائي رهيو آهي

سکر پوليس پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا، احتجاج جاري

صحافين پاران 174 ڏينهن به احتجاجي تحريڪ جاري رکي قاتلن جي گرفتاري لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي

سکر يونين آف جرنلسٽ جي سڏ تي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان چنچر ڏينهن احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ڪرڻ پوليس جي نااهلي ۽ ناڪامي تصور ڪيون ٿا:اڳواڻ

سکر (رپورٽ:.امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا ويا ، سکرپوليس جو خاموش تماشائي وارو ڪردار برقرار، صحافين پاران 174 ڏينهن به احتجاجي تحريڪ جاري رکي قاتلن جي گرفتاري لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي ، سکر يونين آف جرنلسٽ جي سڏ تي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪراچي ۾ پي ٽي آءِ جي نامزد اميدوار پي ايس 97 جي تڪ ۾ چونڊ سرگرمين تيز ڪري ڇڏيون

اسان جي ڪاميابي ڪانپوءِ تڪ ۾ ترقي ٽيندي، پاڪستان تحريڪ انصاف عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي:بشير احمد سومرو

عوام هميشه جائي ٿوته باني پي ٽي آءِ کي جيلن ۾ بند ڪري رستي تان هٽائڻ چاهن ٿا، نمائندن خلاف ڪوڙيون ايف آءِ آرز داخل ڪري رهيا آهن

منهنجو نشان ليپ ٽاپ آهي، 8 تاريخ تي گهرن کان ٻاهر نڪري ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ لاءِ ليپ ٽاپ ۽ ڪانئي جي نشان تي ٽپو لڳايو

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي نامزد اميدوار بشير احمد سومرو پي ايس 97 جي تڪ ۾ چونڊ سرگرمين تيز ڪري ڇڏيون آهن، ڪارنر ميٽنگن ۽ پارٽي ڪارڪنن کي خطاب ڪندي بشير احمد سومرو چيو آهي ته اسان جي ڪاميابي ڪانپوءِ حلقي ۾ ترقي ٽيندي، ترقياتي ڪمن لاءِ جدوجهد ڪنداسين.چاڪاڻ ته پاڪستان تحريڪ انصاف عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33



سوڀان ۾ امن دستي جو حصو
رهندڙ شهيد جوان محمد طارق
جٽ جو مڙهه گولاڙچي پهچي ويو

گولاڙچي (رپورٽر)شمالي سوڀان ۾ پاڪستاني امن دستي جو حصو رهندڙ شهيد جوان محمد طارق جٽ جو مڙهه پنج ڏينهن کان پوءِ گولاڙچي پهچي ويو. محمد طارق جٽ شمالي سوڀان ۾ دشمن جي حملي ۾ شهيد ٿي ويو هو. گولاڙچي جي سوين شهرين شهيد جوان جو استقبال ۽ شهيد ٿي گل نچاور ڪيا ويا. تنهن کان پوءِ شهيد جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٽنڊي ۾ جماعت اسلامي پاران نامزد ٽيل اميدوارن جي چونڊ مهم جاري

جهرڪ، راجو نظاماڻي، غلام الله، بيسر ڪالوني ۽ ان جي آسپاس جي گوٺن ۾ پهچي حمايت حاصل ڪئي

عوام کي گهرجي ته جماعت اسلامي جي اميدوارن کي ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪن:اميدوار

ٽنڊو(ڊ) جماعت اسلامي پاران نامزد ٽيل اين اي 225 ٽنڊو جي اميدوار ڊاڪٽر امتياز بالاڻي پاران پارٽي اڳواڻن سان گڏ چونڊ مهم جي سلسلي ۾ جهرڪ، راجو نظاماڻي، غلام الله، بيسر ڪالوني ۽ ان جي آسپاس جي گوٺن ۾ پهچي ينهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20



ٽنڊو: جماعت اسلامي پاران ڪوٽايل جلسي ۾ اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ آءِ جي سنڌ جو اليڪشن جي حوالي اجلاس ٽي گذريو

اجلاس ۾ آءِ ٽي، ٽيليڪام ، ٽرانسپورٽ ۽ ٻين ادارن شرڪت ڪئي

اليڪشن دوران ڪميونيڪيشن جي سسٽم کي هر لحاظ کان موثر بڻايو وڃي: شرجيل ڪرل

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر) آءِ جي سنڌ رفعت مختار راجا جي هدايتن جي روشني ۾ جنرل اليڪشن 2024 جي حوالي سان ڊي آءِ جي ٽيڪنيڪل اينڊ ٽرانسپورٽ جي صدارت هيٺ خاص اجلاس ٿيو اجلاس ۾ آءِ جي ٽي ، ٽيليڪام ، ٽرانسپورٽ ۽ ٻين ادارن شرڪت ڪئي

ڪنڊڪوٽ ۾ ٽي ڊينهن اڳ چوري ٿيل ڪار پوليس واپس نه ڪرائي سگهي

الفلاح ماڊل اسڪول پويان چور ممتاز جسڪاڻي جي گهر ٻاهران ڪار چوري ٽي وئي

اين سي ٽاڻي تي داخل هجڻ باوجود حد جي پوليس ڪڪ پڇي ٻيٽو ناهي ڪيو: متاثرين

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ تي ڊينهن اڳ چوري ٿيل ڪار پوليس واپس نه ڪرائي سگهي. روز نالا دلاسا ڏيڻ لڳي ، ممتاز جسڪاڻي ڪنڊڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪنڊيارو ۾ غير معياري زرعي دوا جي استعمال سبب فصل سڙي ويو، احتجاج

ڪنڊيارو گوٺ سانوڙ سوڊڙو ۾ غيرمعياري زرعي دوا استعمال سبب هارين جو 3 ايڪڙ ڪڪڙ جو فصل سڙي ويو

ڪڪڙ ۾ گاه ٿي ويو هوجنهن کي ساڙڻ آسانڪي غيرمعياري دوا ڏني ته آسان جو فصل سڙي ويو:هاري

ڪنڊيارو (ن سنڌيار) ڪنڊيارو ويجهو غيرمعياري زرعي دوا جي استعمال سبب هارين جو فصل سڙي ويو لکين روپين جو نقصان هارين جو سن گرو ڪمپني خلاف احتجاج نقصان جي ازالو جو مطالبو.خبر موجب ڪنڊيارو ويجهو گوٺ سانوڙ سوڊڙو ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽنڊي ۾ مسلم ليگ ن جي اڳواڻ پاران چونڊ مهم جي حوالي سان مختلف شهرن جو دورو

رسول بخش جاکرو پاران چونڊ مهم جي سلسلي ۾ جهرڪ، اونگر، ساپا موري، ان جي اسپاس جي گوٺن ۾ پهتو

ٽنڊي اندر اميدوار پاڻ آهيان، جيڪر پ پ اميدوارن سان مقابلو ڪري رهيو آهيان، :رسول بخش جاکرو

ٽنڊو(ڊ) پاڪستان مسلم ليگ ن جي نامزد ٽيل اين اي 225 ٽنڊو جي اميدوار سردار رسول بخش جاکرو پاران چونڊ مهم جي سلسلي ۾ جهرڪ، اونگر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18



ٽنڊو: مسلم ليگ ن جي اميدوار پاران ڪوٽايل گڏجاڻي ۾ اڳواڻ خطاب ڪندي

دادو لڳ ڦڪا ۾ اسڪول سيد چتل شاھ پاران مختلف راند جا مقابلا ڪرايا ويا

راندين ۾ والي بال ڊوڙ، ميوزيڪل چيئر ۽ ٻين راندين جا مقابلا ٿيا

ڇهين ڪان ڏهين ڪلاس جي شاگردن حصو ورتو، راندين دوران استاد ۽ شاگرد لطف اندوز ٿيندا رهيا

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو لڳ ڦڪا ۾ هائير سيڪنڊري اسڪول سيد چتل شاھ پاران هر سال جيان هن سال به مرحوم نظام الدين مگريو جي ياد ۾ مختلف راندين واليءَ بال ڊوڙ ميوزيڪل چيئر،ائي سان سڪو گولڻ ،زور آزمائي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17



دادو:راندين جي مقابلن ۾ حصو ورندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام ورهايا پيا وڃي

ڪراچي ۾ جي ڊي اي ۽ ايم ڪيو ايم ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ جو سلسلو جاري

ڪراچي جي 3 قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي 14 سيٽن تي جي ڊي اي جا اميدوار ايم ڪيو ايم جي حق ۾ دستبردار ٿي ويا

جي ڊي اي جي عورت اميدوارن چونڊن ۾ حصو نه وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) جي ڊي اي ۽ ايم ڪيو ايم وچ ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ جو سلسلو،ملڪ ڪراچي جي 3 قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي 14 سيٽن تي جي ڊي اي جا اميدوار ايم ڪيو ايم جي حق ۾ دستبردار ٿي ويا. جڏهن ته جي ڊي اي جي عورت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نٽو: غلام الله لڳ پي ايس 76 جي آزاد اميدوار کي آجيائو ڏنو ويو

آجيائي ۾ پرپاسي جي گوٺائن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، شاندار استقبال ڪيو

آڻون مقامي ماڻهو آهيان چونڊجڻ کان پوءِ عوام سان گڏ هوندس:پهلوان سيد ايياز علي شاه

نٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) غلام الله لڳ گوٺ مولوي ابوبڪر زنگياڻي بلوچ ۾ پي ايس 76 جي آزاد اميدوار پهلوان سيد ايياز علي شاه بخاري کي آجيائو ڏنو ويو ڏنل آجيائي ۾ آس پاس جي گوٺائن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي گوٺائن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15



نٽو: آزاد اميدوار ٻنهنجي حمايتن سان گڏ ٻيٽل آهي

ڪراچي جي مختلف تڪن تي چونڊ سرگرمين تيز ڪيون ويون

علاقي ۾ جلسا جلوس ڪارنر گڏجاڻيون ريليون ڪڍي ڪاميابيءَ جون دعوائون ڪيو پيون وڃن

نواز شريف جو ڪو مستقبل ناهي نواز شريف ڪوڙو آهي :اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) اليڪشن جون تيارين آخري مرحلي ۾ داخل پي ايس 98 تي اي اين اي 235 ايسٽ ڪراچي تي چونڊ سرگرمين تيز ڪيون ويون آهن جا مخالف فرضي ۽ ڪوڙا ٻيلٽ پيپر ڇاپي گوٺن ۾ وڌهائي ماڻهن کي گمراهه ڪري رهيا آهن ڪارنر گڏجاڻيون ريليون ڪڍي پنهنجي ڪاميابيءَ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽر ۾ اقليتي برادري کي پوئتي ڏيکيو ويو آهي:لڇپت سوراڻي

اسان جا مخالف فرضي ۽ ڪوڙا ٻيلٽ پيپر ڇاپي گوٺن ۾ وڌهائي ماڻهن کي گمراهه ڪري رهيا آهن

8 فيبروري تي ليپ ٽاپ ٽي ٻهوهٽي ڪاميابي ڪجو، اسان سان پ پ وارن تاريخي ظلم ڪيا آهن

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) پ پ ۽ جي ڊي اي هڪ سڪي جا به پاسا آهن،اربابن ٽر ۾ سمورن تڪن تي پنهنجي خاندان جا اميدوار آڻي اقليتي برادري کي پوئتي ڏيکيو آهي،اهڙن خيالن جو اظهار پي ٽي آءِ جي ضلعي صدر ۽ پي ايس 54 تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڏڙو ۾ جي يو آءِ طرفان اميدوارن جي ڪاميابي لاءِ جلسو منعقد ڪيو ويو

جلسي ۾ مولانا محمد صالح الحداد، حافظ فضل، فضل ميمڻ، زبير سونارو، حافظ عبدالغفور ميمڻ ۽ ٻين خطاب

8 فيبروري جي يو آئي اميدوارن جي فتح جو ڏينهن آهي، ملڪ جي روائيتي حڪمرانن ملڪ کي لٽي تباه ڪري ڇڏيو آهي:اڳواڻ

ملڪ کي فقط مولانا فضل الرحمان جي يا صلاحيت قيادت هن بحران مان ڪڍي سگهي ٿي، عوام جي يو آءِ اميدوارن کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪندو

ڏڙو (ن سنڌ يار) ڏڙو ۾ جمعيت علماء اسلام (جي يو آئي) طرفان اليڪشن جو پاور شو!! سحاول ضلعي جو عوام 8 فيبروري تي ڪتاب تي ٽيهو هٿي جي يو آئي اميدوارن کي ڪامياب ڪندو، اڳواڻن جو خطاب. تفصيل موجب ڏڙو ۾ جي يو آئي طرفان اميدوارن جي ڪاميابي لاءِ بس استاب تي جلسو منعقد ڪيو ويو جي يو آئي طرفان سحاول جي قومي تڪ NA 224 ٿي نامزد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سلطانپور ۾ پ پ اميدوار سيد خورشيد احمد شاھ جي مان ۾ آجيائو ڏنو ويو

ايندڙ حڪومت پيپلز جي هوندي بلاول ڀٽو وزيراعظر ٽيندو اليڪشن ۾ ڪامياب ٿي ملڪ جي معيشت بهتر بڻائيندا سين:سيد خورشيد شاھ

سکر ۾ اسپتالن ۽ يونيورسٽين سميت روڊ رستا ڏنا آهن، ايندڙ دور حڪومت ۾ ضلعي ۾ نيائين جي اعلي تعليم لاءِ هڪ سئو اسڪول ڏنا ويندا

300 يونٽ تائين بجلي مفت ۽ هارين کي حق ڏيڻ ترجيح آهي، 8 فيبروري تي عوام پولنگ اسٽيشن تي پهچي پ پ اميدوارن کي ڪامياب بڻائي،جلسي ۾ گالهيون

سلطانپور (رپورٽر) سلطانپور پرسان يونين ڪائونسل جوڻاس ۾ تاليواري تاجر حاجي ڪريم بخش واڳهو طرفان اين اي 201 سکر تي نامزد پ پ اميدوار سيد خورشيد احمد شاھ جي مان ۾ آجيائو ڏنو ويو، پنڊال ۾ پهچڻ تي پ پ جي مرڪزي اڳواڻ جو گلن جي ورڪا سان استقبال ڪيو ويو، ميزبانن پاران سيد خورشيد احمد شاھ کي هڳ جو تحفو پيش ڪندي سائڪس قافلي ۾ شامل پ پ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02



سلطانپور: سيد خورشيد شاھ گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهيو آهي

نٽي ۾ آزاد اميدوارن پاران مختلف بازارن جي چونڊ مهم هلائي

سنڌ ۾ 15 سال مسلسل پيپلزپارٽي جي حڪومت رهي آهي، عوام کي بک بدحالي ۽ بيروزگاري کانسواءِ ڪجهه به نه ملیو آهي:اميدوار

گذريل حڪومت ۾ نٽي جي چونڊيل نمائندن کي اربين روپين جا ملیل ترقياتي فنڊ هڙپ ڪيا ويا نه اسپتالن ۾ دوائون موجود آهن

شهرن ۾ پيور بلاڪ ورڪ جي ٽيندڙ ڪمن ۾ ناقص مٽيريل استعمال ڪندي شهرين سان مذاق ڪيو پيو وڃي

نٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) قومي تڪ اين اي 225 نٽو تان ٻيٽل آزاد اميدوار سيد جاويد شاھ حسيني ۽ صوبائي تڪ پي ايس 75 نٽو ون تان ٻيٽل آزاد اميدوار سيد زين شاھ پاران نٽي جي شاھ سامارو ۾ پ پ پ جي اڳواڻ ذوالفقار علي شاھ ۽ سندس فرزند سيد ڪرم شاھ جي اڳواڻي ۾ پيپلزپارٽي جو ساماري جي فائيو اسٽار هال ۾ تاريخ جو وڏي مان وڏر جلسو منعقد ٿيو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ پ پ جي ورڪرن جيالن ۽ هزارين جي تعداد ۾ ماڻهن جي شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05 شيخ فريد چوڪ ڪان شاهي بازار ۽ سموري ٽيشنل هائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04



نٽو: آزاد اميدوار ورڪ دوران شهرين سان گالهائي رهيو آهي

نئون ڪوٽ پرسان ناري جو گهر اندر مبينا ڦاهو ڪاڌل لاش ملیو

ڳوٺ عارف قائمخاني ۾ ناري ڪڪر ڪولهي گهر اندر مبينا طور ڦاهو ڪائي آپگهات ڪري ڇڏيو

اطلاع تي نئون ڪوٽ پوليس پهچي ضروري ڪاروائي لاءِ لاش رورل هيلٿ سينٽر نئون ڪوٽ منتقل ڪري ڇڏيو

آڻون ٻني تان واپس موٽي گهر آيس ته زال جو گهر ۾ ٽنگيل لاش ملیو، خبر ناهي ته چو اهڙو قدم کنيو آهي:ناري جو مڙس

نئون ڪوٽ(رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان ناري جو گهر اندر ڦاهو ڪاڌل لاش ملیو ڳوٺ عارف قائمخاني ۾ ناري ڪڪر ڪولهي گهر اندر مبينا طور ڦاهو ڪائي آپگهات ڪري ڇڏيو. اطلاع تي نئون ڪوٽ پوليس پهچي ضروري ڪاروائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08



نئون ڪوٽ: مبينا ڦاهو ڪائي خودڪشي ڪندڙ ناري جو لاش پيل آهي

ڪراچي ۾ سچل ٽاڻي جي حد ۾ قرن ۽ چورين جي وارداتن ۾ اضافو ٿي ويو، پوليس خاموش

پوليس علاقي ۾ پتا خوري ۽ منشيات فروشين جي سرپرستي ڪرڻ لڳي، ٽن صحافين سميت درجن جي تعداد ۾ شهري ڦرجي ويا

سچل ڳوٺ، صفوران ٽائون ۾ ڏوهاري سرگرم ٿي ويا ، علاقو ڏوهارين حوالي، عوام غضاب ۾ اچي ويو، پوليس پاران علاقي ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۾ ناڪام

هر ڏينهن ڏوهاري ۽ قورو ڏينهن رات علاقي ۾ ترتپائي ڇڏيو آهي موٽرسائيڪلون چورين جي وارداتن ۾ تيزي سان اضافو ٿي پيو آهي:صحافي

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر پهنور) سچل ٽائي جي حد ۾ پوليس جي آشرواڙ سان چورين ۽ قرن جي وارداتن ۾ اضافو ٿي ويو پوليس ڏوهارين کي پڪڙڻ بجائي علاقي ۾ پتا خوري ۽ مهيني اندر ٽن صحافين سميت درجن جي تعداد ۾ شهري لوڻجي ويا خبر موجب سچل ٽائي جي حد ۾ پوليس جي سرپرستي ڪرڻ لڳي هڪ مهيني ۾ ٽن صحافين سميت درجن جي وارداتن ۾ تيزي سان اضافو ٿي پيو آهي، صحافي ۽ شهري لوڻجي ويا پوليس پاران علاقي ۾ وڏندڙ بدامني کي روڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نٽي ۾ يوٽ ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن پاران ڪوئيز ڪامپيٽيشن ٿي گذريو

ضلعي سحاول جي غير سرڪاري ۽ سرڪاري اسڪولن جي شاگردن ۾ ايم سي ڪيوز مقابلو ڪيو ويو

مقابلي ذريعي ٻارن ۾ تعليمي ۾ مهارتون پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پروگرام ڪيو ويو

سحاول جي مختلف پرائيوٽ ۽ سرڪاري اسڪولن جي تقريبن 42 اسڪولن جي 1200 شاگردن ۽ شاگرديائين حصو ورتو

نٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) نٽو ۾ ڊي ايم پاور ميگا ڪمپيٽيشن جي عنوان هيٺ يوٽ ڊولپمينٽ ويلفيئر آرگنائيزيشن نٽو جي تعاون سان نٽي شهر جي هڪ نجي هال ۾ ضلعي نٽي ۽ ضلعي سحاول جي غير سرڪاري ۽ سرڪاري اسڪولن جي شاگردن جنهن ۾ ويون آهن علاقي ۾ جلسا جلوس ڪارنر گڏجاڻيون ريليون ڪڍي پنهنجي ڪاميابيءَ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14



نٽو: شاگرد ۽ شاگرديائين ڪوئيز ڪامپيٽيشن ۾ حصو ولي رهيا آهن

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 4 فيبروري 2024ع

پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ سان ويٽر مهانگائي وڌندي

نگران حڪومت عوام کي چوندن جي ويجهي اڇڻ سان ئي پيٽرول جي في ليٽر قيمت ۾ 13 رپين کان وڌيڪ اضافو ڪري وري مهانگائي جي طوفان کي دعوت ڏئي ڇڏي آهي. حڪومت پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب پيٽرول جي اگهه ۾ في ليٽر 13 رپيا 55 پئسا اضافي جي منظوري ڏني وئي آهي. جنهن کانپوءِ پيٽرول جي في ليٽر نئين قيمت 272 رپيا 89پئسا ٿي وئي آهي،ڊيزل جي اگهه ۾ في ليٽر 2 رپيا 75 پئسا اضافي کانپوءِ ڊيزل جو نئون اگهه 278 رپيا 96 پئسا في ليٽر ٿي ويو آهي،لائٽ ڊيزل جي قيمت ۾ 2 رپيا 3 پئسا في ليٽر واڌ ڪئي وئي، گاسليٽ جي اگهه ۾ 24 پئسا في ليٽر گهٽتائي جي منظوري ڏني وئي،نيون قيمتون گذريل رات لاڳو ٿي ويون آهن.

هڪ ته اڳي ئي عام ماڻهو هن مهانگائي واري دور ۾ ڳٽتي ۾ ورتل هو،جنهن کي اها اميد هئي ته پٽرول جي قيمتن ۾ ڪجهه گهٽتائي ٿيندي پر سرڪار ان جي ابتڙ فيصلو ڪري عوام جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو.جنهن سان لازمي طور تي مهانگائي ۾ اضافو ٿيندو.جنهن جو اثر هر عام ماڻهو تي پوندو. پيٽرول هڪ اهڙو اسم آهي،جنهن ۾ اضافي سان هر شئ جي قيمت تي اثر پوي ٿو،ڇاڪاڻ جو ڪنهن به اسم جي مارڪيٽ تائين پهچائڻ جي لاڳت وڌي وڃي ٿي،جنهن ڪري هر سطح تي عام واهپي جي شين جي قيمتن ۾ اضافو ٿي وڃي ٿو،جنهن جو سڌو اثر غريب ماڻهن ۽ وچولي طبقي تي وڌيڪ پوي ٿو. نه رڳو ايترو پر جڏهن به حڪومت پيٽروليم جي شين ۾ اضافو ڪيو آهي ته ان سان واپارين وري هٿرادو مهانگائي ڪئي آهي. هاڻوڪي ڪيل اضافي ڪانپوءِ پڻ اهو خطرو موجود آهي.

اهو درست آهي ته عام واهپي جي شين جي اگهن کي چڪاس ڪرڻ جي لاءِ حڪومت جا لاڳاپيل ادارا آهن پر عملي طور تي اهو گهٽ ئي ٿيو آهي ته انهن ادارن جو اهڙو ڪم ڪيو هجي،جنهن سان عام ماڻهو تي پوندڙ مهانگائي جي بار ۾ ڪا گهٽتائي ٿي هجي. نتيجي ۾ رڳو پيٽرول جهڙي اسم جي اگهن ۾ ڪيل اضافي جو بار عام ماڻهو مٿي پوي ٿو.

وقت جي حڪومت جيڪڏهن واپارين ۽ ٽرانسپورٽرز تي ڪنهن حد تائين ڪنٽرول ڪري ته يقينن ان جو مثت اثر ظاهر ٿي سگهي ٿو،واپارين جي هٽ سان ڪيل مهانگائي جو به حڪومت وٽ حل آهي،پر ان جو اثر عام ماڻهو تي ٻڌو جڏهن حڪومت جا لاڳاپيل ادارا عملي طور تي قدم کڻندا جنهن سان مهانگائي تي ڪنٽرول ٿيڻ ممڪن هجي.

سراج الحق ميمڻ جون گهڻ رخيون خدمتون

(انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي ٿورن سان)

